هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سنّتن ڀريو بيان

17-November-2016

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

## داتا علي هجويري جو علمِ دين جو شوق

(SINDHI)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# داتا علي هجويري جو علمِ دين جو شوق

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله   وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله   وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن قرآنِ پاڪ پڙهيو، رَبّ تعاليٰ جي ساراهہ ڪئي، نبي(صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرُود شريف پڙهيو ۽ پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان بخشش طلب ڪئي تہ ان ڀلائي کي ان جي جڳهہ تان ڳولي ورتو.(1)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور   بَخش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]… شعب الايمان،باب فی تعظیم القرآن،فصل فی استحباب التکبیر …الخ،۲/۳۷۳، حدیث: ۲۰۸۴



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ عظيم مبلغ

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان هڪ اهڙي عظيم هستي جي باري ۾ بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين ته جن جي ڪري اسلام جي عِزَّت، شان وشوڪت ۽ قُوَّت ۾ اِضافو ٿيو، جنهن سَخاوت جا درياء وهايا، جن جو فيضان ڪيئي صَديون گذرڻ باوجود اڄ به جاري وساري آهي، جن جي مزارِ پُرانوار تي هر وَقت عاشقانِ رسول، عاشقانِ صحابه و اهلبيت ۽ عاشقانِ



www.dawateislami.net

اولياء جو ميڙ هوندو آهي، جيڪي حاضر ٿي پنهنجون من گهريون جائز مُرادون ماڻيندا آهن. اها اَهم شخصيت ڪير هئي؟ سندن نالو ۽ نَسب، ڪنيت ۽ لَقب ڇا هو؟ اهو بہ ٻڌنداسين، ۽ سندن رَحۡمَةُاللہِتَعَالٰی عَلَیۡه جي هڪ نهايت ئي پياري خُوبي "علمِ دِين جي شوق" جي باري ۾ بہ رنگ برنگي مدني گلن جي مهڪندڙ خوشبوئن سان پنهنجي دل ۽ جان کي معطر ۽ معنبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين، هنن مدني گلن کي پنهنجي دِل جي مدني گلدستي ۾ سجائي ان تي عمل جي بہ ڪوشش ڪنداسين.اِنۡ شَـآءَالـلّٰـه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري کان بعد اَهلِ بَيتِ اَطهار ۽ صحابَہ ڪرام رِضۡوَانُ اللّٰهِتَعَالٰي عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِين شجرِ اسلام جي آبياري ڪئي، صحابَہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کان پوءِ انهن جي پيروي ۾ بعد ۾ اچڻ وارن بُزرگن بہدينِ متين جي خِدمت جي هن اهم فريضي کي بهترين نموني سان ادا ڪيو. خاص ڪري پاڪ وهند ۾ تبليغ اسلام جي لاءِ جن اولياءِ ڪرام عَلَيۡهِم رَحۡمَةُ اللهِ السَّلام واضح ڪردار اَدا ڪيو، انهن ۾ حضرت سَيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِتَعَالٰی عَلَیۡه سرِ فهرست آهن. سندن رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي اندازِ تبليغ، علمِ دِين جي ترويج و اشاعت، اجتماعي و انفرادي ڪوششن، تصنيف وتحرير ۽ رُوحاني قُوّت سان هند ۾ نهايت ئي تيزي سان اسلام جي روشني پکڙجڻ شروع ٿي ۽ ڪثرت سان ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا. اچو! اڄ اسان ان داتا علي هجويري رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي علمِ دِين جي شوق جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا تہ جيئن اسان جي دلين ۾ بہ علمِ دِين جي وسامندڙ شمع ٻيهر رَوشن ٿئي، اي ڪاش! داتا علي هجويري رَحۡمَةُاللّٰهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي صدقي اسان کي بہ علمِ دِين سکڻ جو جذبو نصيب ٿئي،



www.dawateislami.net

اچو! پهريان داتا علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جو مختصر تعارُف ٻڌون ٿا،

## داتا علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جو تعارف

حضرت داتا علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جي ڪنيت ابو الحسن، جڏهن تہ علي اسمِ گرامي يعني نالو آهي. پاڻ غزني جي رهڻ وارا هئا. جُلّاب ۽ هجوير ”غزني“ جي پاڙن مان بہ (2) پاڙا آهن، پهريان جُلَّاب ۾ رهندا ها پوءِ هجوير ۾ منتقل ٿيا. پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جي ولادتِ با سعادت اٽڪل ۴۰۰ ؁ھ ۾ ٿي.[2]

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## داتا علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جو شوقِ علمِ دِين

حضرت خواجہ مَستان شاھ ڪابلي رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه فرمائن ٿا: حضرت سَيد علي بن عثمان هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه محمود غزنوي جي قائم ڪيل دِيني مدرسي ۾ اڪثر ڏٺا ويا، ان وَقت سندن عمر مشڪل سان 12، 13 سال هوندي، علمِ دِين کي حاصل ڪرڻ جي جذبي سان سرشار اهو علمِ دِين جو طالب تعليم ۾ ايترو مصروف هوندو هو جو صبح کان شام ٿي ويندي هئي پر ڪڏهن پاڻي تائين نہ پيئندي ڏٺو ويو، رضوان نالي سفيد رِيش بزرگ ان مَدرَسي جا مُدرّس ها، اهي پنهنجي ان خاموش طبع طالبِ علم کي عزت جي نگاهن سان ڏسندا ها.

هڪ ڏينهن سلطان مَحُمود غَزنَوي جو گُذر ان مَدرَسي وٽان ٿيو ۽ اهو هن عظيم دِيني درس گاھ ۾ آيو، ٻين شاگردن جي برعڪس حضرت مخدوم علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه پنهنجي ڪم ۾ ايترو مگن ها جو ان کي

---

[2]...مقدمہ کشف المحجوب، ص۸تا۱۱ماخوذاً



www.dawateislami.net

کا خبر نہ هئي، بزرگ استاذ چيو: ڏس علي! ڪير آيو آهي؟ هاڻي چا هو هڪ پاسي محمود غزنوي ۽ ٻي پاسي هڪ ننڍڙي عمر وارو راهِ حق جو مُتَلاشي، عجيب منظر هو، سلطان محمود غزنوي ان ننڍي عمر واري طالب علم جي تَجَلّين کي نہ سهندي هڪدم نگاهون جهڪائي ڇڏيون ۽ مُدَرّس کي چيو: والله! اهو ٻار خدا عَزَّوَجَلَّ جي طرف راغِب آهي، اهڙا طالبِ علمَ ان مَدرسي جي زِينت آهن.[3]

جهولياں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن  ہو مری اُمید کا گلشن ہرا داتا پیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!  صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! ڏٺو اوهان تہ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه علمِ دِين سکڻ ۽ مُطالعو ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر مشغول رهندا ها جو ننڍي عُمر جي قيمتي گهڙين کي بہ ضائع ٿيڻ نہ ڏنو، چاڪاڻ تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وقت ۽ علمِ دِين پڙهڻ جي اهميت کان ذرو برابر بہ غافل نہ ها، ايتري ننڍي عمر ۾ بہ حُصولِ علم ۽ مُطالعو ڪرڻ ۾ مسلسل مشغُول رهندا ها ۽ زبان جو "قُفلِ مدينہ" يعني زبان کي فضوليات کان بچائڻ تي بہ سختي سان ڪاربند ها، ڪتابن سان اوهان جي مَحَبَّت ڏسو جو مطالعو ڪندي شام تي ويندي هئي، پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وٽ پاڻي پيئڻ جي لاءِ بہ وَقت نہ نڪرندو هو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي انهيءَ علمِ دِين جي شوق، مطالعي جي ذوق، پنهنجي ڪم کان ڪم رکڻ ۽ قُفلِ مدينہ لڳائڻ يعني خاموش رهڻ جي مَدَني سوچ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ان بلند مقام تي پهچائي ڇڏيو جو سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جا استادِ محترم بہ اوهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي عزّت ۽ اِحترام

[3]...اللہ کے خاص بندے ،ص۴۶۰



www.dawateislami.net

جي نگاھ سان ڏسندا ھا، ايستائين جو پنھنجي وَقت جي عظيم عاشقِ رسول ۽ علم دوست بادشاھ سلطان محمود غزنوي جڏھن سندن رَحۡمَةُاللهِ‌تَعَالٰی‌عَلَيۡه جي مدرسي ۾ آيا تہ علمي مصروفيت جي سبب داتا علي ھجويري رَحۡمَةُاللهِ‌تَعَالٰی عَلَيۡه کي ان جي آمد جو علم ئي نہ ٿي سگھيو، پوءِ سلطان محمود غزنوي بہ سندن رَحۡمَةُاللهِ‌تَعَالٰی‌عَلَيۡه کان متاثر ٿيو ۽ اوھان رَحۡمَةُاللهِ‌تَعَالٰی‌عَلَيۡه جي شان ۾ اھي تاريخي ۽ تعريفي جملا چيا تہ ”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اھو پار خدا عَزَّوَجَلَّ جي طرف راغب آھي، اھڙا طالبِ علم ان مدرسي جي زينت آھن ۔“

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اُڄ ڀاڻيءَ سان ختم ٿيندي آھي، پر علمِ دِين جو اڃايل ڪڏھن بہ سيراب ناھي ٿيندو، چوتہ اھا پياس علمِ دِين جي چشمي مان فيضياب ٿي وڌندي ئي ويندي آھي، انھيءَ علمِ دِين جي جستجو جي لاءِ اسان جي بزرگن پنھنجو گھر بار ۽ پنھنجي اباڻي شھرن کي خيرآباد چئي مختلف ملڪن ۽ شھرن جو سفر فرمايو، جڏھن تہ ان وَقت ايتري قَدَر آسانيون نہ ھيون پر جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا داتا گنج بخش علي ھجويري رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيۡه علمِ دِين سکڻ جا حريص ھا، تنھنڪري اڄڪلھ جھڙيون سھولتون مُيسَّر نہ ھئڻ جي باوُجود بہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيۡه حُصُولِ علمِ دِين جي خَاطِر آزمائشن جو مقابلو ڪندي پري پري شھرن جا سفر ڪيا ۽ سوين مشائخن سڳورن کان فيض ياب ٿيڻ جو شَرف حاصل ڪيو. جيئن

## علمِ دِين جي طلب لاءِ سفر

حضرت سَيِّدُنا داتا گنج بخش علي ھجويري رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيۡه جيترن بہ ملڪن جو سفر ڪيو، سندن مَقصد عالم دِين ۽ مَشائخن جي بارگاھ ۾ حاضِر ٿي فيضياب ٿيڻ ۽ پنھنجي علمِ دِين جي اڃ لاھڻ جو اِنتظام ڪرڻ ھو. ان مَقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰی عَلَيۡه صرف خُراسان جي ٽي سو



www.dawateislami.net

(300) مَشائخن جي خِدمَت ۾ حاضِري ڏني ۽ انهن جي علمِ دِين ۽ حِڪمت جي پُر بهار گلستانن مان گل پٽي پنهنجو دامن پريندا رهيا.(4)

مَدَني پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه ڪنهن دُنيوي مَقصَد جي لاءِ نه، بلڪ علمِ دِين جي طلب خاطر هڪ ئي شهر جي 300 عالمن سڳورن جي بارگاهه ۾ حاضري ڏني، اهو ته صرف هڪ شهر جي عالم سڳورن جو تعداد آهي، يقيناً پاڻ ان کان علاوه به ڪيئي شهرن ۽ ملڪن جي ڪيترن ئي عالمن جي بارگاهه ۾ حاضري ڏني هوندي، داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي طلبِ علمِ دِين جي خاطر ان مِحنت ۽ شوق جي انتها جي باري ۾ ٻڌي ذهنن ۾ اَسلافِ ڪرام عَلَيهِم رَحْمَةُ اللّٰهِ السَّلَام جي ياد تازه ٿي ويندي آهي چوته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه ۾ به اسلاف وانگر علمِ دِين کي حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ مُطالَعي جو ذوق گهٽو ڀريل هو، اسان جا بزرگ رات ڏينهن علمِ دِين جي طلب ۾ مشغول رهندا هوا، انتهائي محنت ۽ چاهه سان مطالعي ۾ مصروف رهندا ها ۽ علمِ دِين سکڻ جي خاطر ايستائين جو پنهنجي خواهشن کي به قربان ڪندا ها. اچو! ترغيب طور بُزرگانِ دين جي علمِ دِين جي شوق جي باري 2 حڪايتون ٻڌون ٿا،

## امام مُسلم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جو شوقِ علمِ دِين

هڪ ڏينهن ڪنهن دِيني مجلس ۾ حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب ”مُسلم شريف “ جي مؤلف حضرت سَيدُنا اِمام مُسلِم بن حَجاج قُشَيري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه کان ڪنهن حديث جي باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه گهر اچي اها حديث ڳولهڻ شروع ڪئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي بارگاهه ۾ کجورن

[4] ... كشف المحجوب،ص١٨١ماخوذاً



www.dawateislami.net

جو هڪ ٽوڪرو پيش ڪيو ويو. حديث جي تلاش جي دوران پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه ان مان هڪ هڪ کجور کٽي کائيندا رهيا ايستائين جو حديث ملڻ تائين تمام کجوروں ختم ٿي ويون، ايتريون وڏيڪ کجوروں کائڻ جي ڪري سندن رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جو اِنتقال ٿي ويو.

(تهذيب التهذيب ،حرف الميم،من اسمه مسلم،مسلم بن حجاج ...الخ،۱۵۰/۸، رقم:۶۸۹۴)

## سَيدُنا ضَحّاڪ رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جو شوقِ علمِ دِين

حضرت سيِّدُنا ضَحَّاڪ بصري رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جو لقب"نَبِيل" آهي، ان لقب جو سبب اهو ٿيو جو هڪ ڏينهن حضرت سَيدُنا امام ابنِ جُرَيج رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه جي درس گاهه ۾ (علمِ دِين سکڻ جي لاءِ) مَوجود ها تہ اوچتو اتان کان هڪ هاٿي جو گذر ٿيو. تمام شاگرد دَرس ڇڏي هاٿي ڏسڻ لاءِ هليا ويا، پر هي پنهنجي جڳهه تي ويٺل رهيا، حضرت سَيدُنا امام ابنِ جُريج رَحۡمَةُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه پڇا ڪئي: ضحّاڪ! توهان هاٿي ڏسڻ لاءِ ڇو نہ ويا؟ عرض ڪيائين: هاٿي اوهان جي صُحبت کان وڌيڪ ناهي! اهو جواب ٻڌي حضرت سَيدُنا امام ابنِ جُرِيج رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡه فرمايو: "اَنۡتَ النَّبِيل"يعني توهان تہ نهايت شاندار آهيو.

(تهذيب التهذيب،حرف الضاد، من ا سمه ضحاڪ، الضحاڪ بن مَخۡلَد،۷۹/۴، رقم:۳۰۵۷)

سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ! اسان جي بزرگن جو علمي شوق ڪيترو لاجواب هو جو جڏهن اهي حضرات علمِ دِين حاصل ڪرڻ ۾ مشغُول هوندا ها تہ پوءِ پنهنجي آس پاس جي هر شيء کان بي پروا ٿي ويندا ها، تہ جيئن پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻي سگهن. بيشڪ هنن پاڪ هستين علمِ دِين کي پنهنجو سڀ ڪجهه ڏنو هو تہ علمِ دِين بہ انهن کي محروم نہ رکيو بلڪ مُسلمانن جو رهنما بڻائي ڇڏيو. يقيناً اهو



www.dawateislami.net

سڀ ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عطا، علمِ دِين جي فضيلتن کان آگاهي ۽ علمِ دِين سان مَحَبَّت جو ئي نتيجو هو جو اڄ اسان ان جو ذڪرِ خَير ڪري پنهنجين دلين کي مُنَوَّر ڪري رهيا آهيون. اچو! تَرغيب طور اسان بہ علمِ دِين جي فضائل تي مشتمل 3 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

(1) جيڪو شَخص طلبِ علمِ دِين جي لاءِ نڪتو تہ جيستائين واپس نہ موٽي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ آهي.

(ترمذي،ڪتاب العلمِ دِين،باب فضل طلب العلمِ دِين،حديث:۴،۲۶۵۶/۲۹۴)

(2) طالبِ علمِ دِين کي خوش آمديد! طالبِ علمِ دِين کي ملائڪ گهيري ۾ وٺندا آهن ۽ پنهنجي پرن جي ذريعي ان تي ڇانو ڪندا آهن، پوءِ اهي طالبِ علمِ دِين کان ديني علم جي طلب جي سبب مَحَبَّت ڪندي قِطار در قِطار آسمانِ دنيا تائين پهچي ويندا آهن.

(معجم ڪبير،صفوان بن عسال ...الخ، ۵۴/۸،حديث:۷۳۴۷)

(3) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قِيامت جي ڏينهن ٻانهن کي اٿاريندو پوءِ عالمن کي عليحده ڪري فرمائيندو: اي عالمن جي جماعت! مان توهان کي سڃاڻان ٿو ان ڪري توهان کي پنهنجي طرفان علم عطا ڪيو هو ۽ توهان کي ان ڪري علم ناهي ڏنو تہ توهان کي عذاب ۾ مُبتَلا ڪندس. (تنهنڪري هاڻي) وڃو! ان ڪري جو مون توهان جي مَغفِرَت ڪري ڇڏي.

(جامع بيان العلمِ دِين و فضله،باب جامع في فضل العلمِ دِين،ص۶۹،حديث:۲۱۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

نہ نامے میں عبادت ہے نہ پلّے کچھ ریاضت ہے
اِلٰہی! مغفرت فرما ہماری اپنی رحمت سے



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

صَدْرُ الشَّريعه، بَدْرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مَولانا مُفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه علمِ دِين جي فائدن ۽ ثمرات کي بيان ڪندي فرمائن ٿا: علم اهڙي شيء ناهي جنهن جي فضيلت ۽ خُوبين کي بيان ڪرڻ جي حاجت هجي، سڄي دنيا ڄاڻي ٿي ته علم نهايت بهتر شيء آهي، ان کي حاصِل ڪرڻ فضيلت جو سبب آهي. هيءَ اها شيء آهي جنهن سان اِنساني زندگي ڪامياب ۽ خُوشگوار ٿيندي آهي ۽ انهيء سان دنيا ۽ آخرت سُڌرندي آهي. (ياد رهي! علم مان) اهو علم مُراد آهي جيڪو قرآن ۽ حديث مان حاصل ٿئي، ته هي اهو علم آهي، جنهن سان دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي ويندا آهن ۽ اهو ئي علم نجات جو ذريعو آهي ۽ ان جي قرآن و حديث ۾ ساراهه بيان ٿي آهي ۽ ان جي تعليم ڏانهن توجهه ڏياري وئي آهي. (بهارِ شريعت،(حصه شانزدهم)،۶۱۸/۳ ملتقطاً)

علم انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي مِيراث آهي،علم قُربتِ الٰهي جي راهه آهي، علم هدايت جو سرچشمو آهي، علم گناهن کان بچڻ جو ذريعو آهي، علم خَوفِ خدا کان بيدار ڪرڻ جو عظيم نُسخو آهي، علم دنيا ۽ آخرت ۾ عِزّت ماڻڻ جو سبب آهي، علم مُرده دِلين جي حيات آهي، علم ايمان جي سلامتي جو مُحافظ آهي، علم مخلوقِ خدا جي مَحَبَّت ماڻڻ جو سبب آهي، اَلْغَرَض!علم بي شمار خُوبين جو جامع آهي، ان ۾ دِين به آهي دنيا به، ان ۾ آرام به آهي اطمينان به، ان ۾ لذّت به آهي راحت به، تنهنڪري عَقل مند اهو ئي آهي جيڪو طلبِ علمِ دِين ۾ مشغول ٿي آخِرت ۾ ڇوٽڪاري جو سامان ڪري. اي ڪاش! اسان کي به علمِ دين سکڻ جو جذبو نصيب ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

اللہ! مجھے عالمِ دین بنادے اور دین کے احکام پہ بھی مجھ کو چلادے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! عام طور ڪنهن بہ انسان جي چڱو يا بُرو هئڻ ۾ گهر جي ماحول کي بُنيادي حيثيت حاصِل هوندي آهي، جيڪڏهن گهر وارا خاص ڪري والدين بُرائين ۾ مبتلا هجن تہ اولاد تي بہ ان جا بُرا اَثر مُرتَّب ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن والِدَين نيڪ نمازي، خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفي جي لازوال دولت سان مالا مال ۽ علمِ دِين جي نعمت سان سرشار هوندا آهن تہ ان جي تعليم و تَربِيت ۽ خُوبين جو فيض صرف ان جي ذات تائين ئي مَحدُود ناهي رهندو بلڪ الله عَزَّوَجَلَّجي فَضل و اِحسان سان نسل در نسل منتقل ٿيندو ويندو آهي چوتہ ٻارن جو پهريون مَدرَسو ئي ان جو گهر هوندو آهي ، جيئن

حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیۡہفرمائن ٿا: ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ جي هر عمل کي غور سان ڏسندا ٻڌندا آهن ۽ انهن جي عبادتن، دعائن کي ياد ڪري اُن جي نَقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پيءُ کي گهرجي تہ بهتر نمونو بڻي جو اولاد پيءُ جي نقل ڪندو آهي، ٻارن جو پهريون مَدرَسو ان جو گهر آهي ۽ پهريان مُعلمِ دِين ان جا ماءُ پيءُ. (مرآة المناجيح،۴/۲۸)
هڪ ٻي هنڌ تي فرمائن ٿا تہ ٻار کي هوش سنڀالڻ تي جيئن پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ساٿين کي ڏسندو آهي اهڙو ئي بڻجي ويندو آهي، ماءُ پيءُ ٻار جا پهريان استاد آهن، ان جي صحبت ٻار جي طبيعت جي لاءِ نقشو آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ پنهنجي ڇوڪرين جي لاءِ چڱا خاوند ۽ ڇوڪرن جي لاءِ دِيندار نيڪ گهرواريون ڳولا ڪيو تہ جيئن ٻار نيڪ ٿين.
(مرآة المناجيح،۱/۱۰۰بتغير قليل)



www.dawateislami.net

مناٺنا اسلامي ڀائرو! داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي ذات ۾ اسان کي جيڪي خوبيون نظر اچن ٿيون، ۽ علمِ دِين جي شوق جا مبارڪ اثر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي شخصِيت ۾ نظر اچن ٿا، يقيناً ان ۾ فَضلِ خداوندي بہ پاڻ سان گڏ رهيو، پر گڏوگڏ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي گهر وارن خاص ڪري والدين جي تعليم ۽ تربيت جو بہ ان ۾ وڏو عمل دخل هو. اچو! هاڻي داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي مثالي گهراڻي جي هڪ ايمان افروز جهلڪ ملاحظہ ڪيون ٿا ۽ پوءِ ان مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گلن کي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش بہ ڪنداسين، جيئن

## داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو پرهيزگار گهراڻو

حضرت سَيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي والد حضرت سَيدُنا عثمان بن عبدُالرّحمٰن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه پنهنجي وقت جا زبردست عالِم ۽ عابد ۽ زاهد ها. سلطنتِ غَزنيہ جي زماني ۾ دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان علماء ڪرام، مشائخ عظام، شُعَرَا ۽ صُوفِيا "غزني" ۾ جمع ٿي ويا ها، جنهن جي ڪري غزني عُلُوم و فُنُون جو مرڪز بڻجي چڪو هو، سندن والدِ ماجد حضرت سَيدُنا عثمان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه بہ اتي رهائش اِختيار ڪئي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي والده ماجده حُسَيني سادات سان تعلق رکندڙ عابِده زاهده خاتون هيون. (فيضان داتا علي هجويري،ص٦بتغير قليل) جنهن جي زبان ذڪرِ الٰهي ۾ مشغول ۽ دل جلوه حق سان سرشار رهندو هو، (فيضانِ داتا علي هجويري،ص٨) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي مامي کي زُهد ۽ تقويٰ اختيارڪرڻ سبب تاجُ الاوليا جي لقب سان شهرت حاصل هئي. مطلب تہ! پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو خاندان شَرافت و صَداقت ۽ علم ۽ فَضل جي ڪري مشهور هو. (فيضان داتا علي هجويري،ص٦)

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ !حضرت سَيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه



www.dawateislami.net

جو گهراڻو ڪيڏو نہ رشڪ لائق هو جو والدِ محترم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي وقت جا زبردست عالمِ دين، والده ماجده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْها اعليٰ درجي جي عابده ۽ زاهده ۽ تلاوتِ قرآن جي شيدائي جڏهن تہ مامون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بہ ڪا عام شخصيت نہ هئي بلڪ "تاج الاوليا" يعني اولياءِ ڪرام عَلَيهِم رَحْمَةُ اللهِ السَّلام جي تاج جي لقب سان مشهور ها، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن علم ۽ عمل، عبادت ۽ رياضت ۽ تلاوتِ قُرآن جي نعمت سان مالا مال گهراڻي ۾ پرورش تي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي بہ ان جون خُوب خُوب برڪتون نصيب ٿيون، ان جي طُفَيل الله تعاليٰ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي بہ تقويٰ ۽ پرهيز گاري جي نعمت سان نوازيو ۽ ايتري قدر علم ۽ فضل عطا فرمايو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان مان مخلوقِ خدا کي بہ خوب فيضياب فرمايو.

مجھ کو داتا تاجدارانِ جہاں سے کیا غَرَض  میں تو ہوں منگتا تِرے دربار کا داتا پیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلھ اهڙي تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ علمِ دِين سان مَحَبَّت نہ تہ هاڻي والدين ۾ نظر اچي ٿي ۽ نہ ئي اولاد ۾، شايد ان جو سبب هي آهي تہ والِدَين جو سڄو زور ٻارن کي دنياداري سيکارڻ تي لڳل آهي، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ماءُ پيءُ کي کپي تہ اولاد کي صرف مالدار بڻائي دنيا مان نہ وڃن، انهن کي دِيندار بڻائي وڃن جو خود انهن کي بہ قبر ۾ ڪم اچي جو زنده اولاد جي نيڪين جو ثواب مُرْدي کي قبر ۾ ملندو آهي. (مرآة المناجيح، ۶/۵۶۵)

رسولِ اڪرم، نُورِ مُجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن ماڻهو مري ويندو آهي تہ ان جي ٽن عملن کان علاوه ان جي سيني عملن جو



www.dawateislami.net

سلسلو ختم ٿي ويندو آهي: (1) صدقهٔ جاريه (2) اهو علم جنهن مان فائدو حاصل ڪيو وڃي (3) نيڪ اولاد جيڪو انهن لاءِ جي دعا ڪري.

(مسلم،ڪتاب الوصية،باب مايلحق الانسان...الخ،ص۸۸۶،حديث: ۱۶۳۱ )

حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: نيڪ اولاد مان علم و عمل وارو پٽ مراد آهي.صاحبِ مِرقاة رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمايو: پٽ کي گهرجي تہ پيءُ کي دعاءِ خير ۾ ياد رکي، ايستائين جو نماز ۾ ماءُ پيءُ کي دعائون پهريان ڏئي بعد ۾ سلام ورائي نہ تہ جيڪڏهن نيڪ پٽ دعا بہ نہ ڪري، ماءُ پيءُ کي ثواب ملندو رهندو.

(مرآة المناجيح، ۱۸۹/۱بتغير قليل)

## ٻارن جي مَدَني تربيت ۾ ماءُ جو ڪردار

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اولاد جي سڌرڻ يا بگڙجڻ ۾ وڏيڪ ڪردار ماءُ جو ئي هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ ماءُ جو هنج ٻار جي پهرين درس گاهه هوندي آهي، جيڪڏهن اها تربيت گاهه معياري هوندي تہ جيڪو تربيت حاصل ڪري نڪرندو اهو بہ معياري هوندو مثال طور جيڪڏهن مائرون الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم،صحابہ و اهلبيت رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين ۽ اولياء ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي فرمانن تي عمل ڪندڙ، اَزواجِ مُطهرات، خاتونِ جنّت ۽ صحابيات رَضِىَ الله تَعَالٰى عَنْهُنَّ جون حقيقي ديوانيون، علمِ دِين جو شوق ۽ تلاوت جي ذوق جي نعمت سان سرشار، مُتَّقِي ۽ پرهيزگار، عبادت گذار، سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ واريون ۽ سني ماحول سان وابستہ هونديون تہ انهن جو اولاد بہ انهي خصوصيتن جو پابند هوندو.

بدقِسمتي سان اڄڪلهہ جي عورتن جو گهڻو وقت ذِڪر ۽ دُرود، تلاوت ۽ عبادت ۽ علمِ دِين سکڻ جي بدران هڪ ٻئي جون غيبتون ڪرڻ،



www.dawateislami.net

چغليون هڻڻ، بِلاضرورت بازارن ۾ گُهمڻ، فلمون، ڊراما ڏسڻ، موسِيقي ٻڌڻ، ناوِل ۽ ڊائجسٽ پڙهڻ، ڪمپيوٽر، موبائل ۽ انٽرنيٽ وغيره جو غلط استعمال(Miss Use) ڪرڻ، سوشل ميڊيا جي ڄار ۾ پنهنجي پاڻ کي ڦاسائي نہ ڪرڻ وارن ڪمن ۾ پوَڻ ۽ نت نوان فيشن اپنائڻ وغيره ۾ گذري ويندو آهي، جڏهن تہ باقي بچيل وقت گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ ۾ ڪٽجي ويندو آهي، نتيجي ۾ پنهنجي ۽ پنهنجن ٻارن جي اصلاح کان غافل بي عملي جو شڪار انهن مائرن جي بي عملي جا بُرا اَثر براه راست ايندڙ نسل ۾ بہ منتقل ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن، تاريخ گواهہ آهي تہ پوءِ انهن جي ٻارن مان اڳتي هلي ڪو جواري بڻجندو آهي، تہ ڪو فراڊي، ڪو دهشت گرد بڻندو آهي تہ ڪو چرسي موالي، ڪو چور بڻجندو آهي تہ ڪو ڌاڙيل، پوءِ انهن جرمن ۾ ملوّث افراد جڏهن قانون جي وڪڙ ۾ ايندا آهن تہ ڪڏهن ڦاسي تائين بہ پهچي ويندا آهن. اچو! اهڙي ئي هڪ مجرم جي عبرت آموز حڪايت ٻڌون ٿا جيئن

دعوتِ اسلامي جي اِشَاعتي اِداري مڪتبۃُ المدينہ جي شايع ٿيل 188صفحن تي مشتمل ڪتاب ”تربيتِ اولاد“صفحي نمبر17 تي آهي تہ هڪ دفعي هڪ ڏوهاريءَ کي ڦاسيءَ ڏني پئي وئي، انهيءَ دؤران جڏهن ان کان ان جي آخري خواهش پُڇي وئي تہ ان چيو مان پنهنجي ماءُ سان ملڻ چاهيان ٿو. ان جي اها آخري خواهش پوري ڪئي وئي. جڏهن ان جي ماءُ ان جي سامهون آئي تہ هو پنهنجي ماءُ جي ويجهو وڃي هڪدم ان کي مارڻ لڳو. اتي موجود ماڻهن ان کي ڪاوڙ منجهان چيو: اي بيوقوف! هينئر جڏهن تہ توکي ڦاسي ملڻ واري آهي، تون هيءَ ڪهڙي حرڪت ڪئي آهي؟ ان جواب ڏنو تہ مون کي ڦاسي جي ڦنڌي تي پهچائڻ واري اها ئي منهنجي ماءُ آهي، ڇوتہ مان ننڍپڻ ۾ ڪنهن جا ڪجهہ پيسا چورائي آيو هيس تہ هن مون کي دڙڪن ڏيڻ



www.dawateislami.net

بدران منهنجي حوصلا افزائي ڪئي ۽ اهڙي طرح مان ننڍا ننڍا ڏوهه ڪندي دنيا جي وڏن ڏوهن ۾ اڳتي نڪري ويس ۽ آخرڪار اڄ مون کي ڦاسي پئي ڏني وڃي. (تربيتِ اولاد،ص١٧بتغير قليل)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته ماءُ جي لاپرواهي ۽ ان جي غلط تربيت ڪهڙو برو اثر وڌو جو ان جي لال جرائم جي دنيا ۾ قدم رکي ڇڏيو آخرڪار ڦاسي جي سزا ڪائي پنهنجي جان به وڃائي وينو، ان جي بر عڪس جن مائرن جو ڪردار آئيني کان وڌيڪ شفاف هوندو آهي، جن جا سينا خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصۡطَفٰي سان منور هوندا آهن، جيڪي دنيا جي فاني آسائشن ۾ ڦاٿل نه هونديون آهن، شرم ۽ حيا جن جي فطرت ۾ شامل هوندو آهي، اسلام جي سربُلندي جي لاءِ جيئڻ مرڻ جو جذبو جن جي رت ۾ سرايت ڪري چڪو هجي، جنّت جون ابدي نعمتون جن جي پيشِ نظر هونديون آهن، ته اها مدني سوچ اهي پنهنجي جگر جي ٽڪڙن ۾ به منتقل ڪنديون رهنديون آهن، پوءِ اهڙين مائرن جي هنج مان مُحدّث، مجدّد، مُفسّر، اولياء ڪرام، مفتيانِ ڪرام، علماءِ عظام، مسلمانن جا اِمام، دِيَنِ اسلام جي خاطر جانيون قربان ڪرڻ وارا ۽ خوفِ خدا و عشقِ مُصطَفٰي جي دولت سان مالا مال اسلامي حڪمرانن جنم ورتو.

تنهنڪري والِدَين کي کپي ته اهي سمجهداري جو مُظاهرو ڪن، پنهنجي سوچ ۾ تبديلي آڻِن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ان نعمت جي قدر ڪن ۽ ان جي مدني تربيت ڪندي پاڻ به هر ننڍي وڏي گناهه کان بچڻ جي ڪوشش ڪن، غير محارم کان شرعي پردو ڪن، فرائض و واجبات، سُنَن و مستحبات جي پابندي ڪن، ظاهري ۽ باطني علم سکن، چڱيون عادتون ۽ بهتر اخلاق اپنائن، پنهنجي ٻارن جي ذهنن ۾ به اهڙي ئي مدني سوچ پيدا



www.dawateislami.net

ڪن، ٻار شرارت ڪن تہ هميشہ تنهائي ۾ نرمي سان سمجهائن، بُرن دوستن ۽ بد عقيده ماڻهن جي صحبت ۾ هرگز نہ ويهڻ ڏنو وڃي ڇوتہ بد عقيده ماڻهن جي صحبت، انهن کان تعليم حاصل ڪرڻ، انهن جا بيان ٻڌڻ يا انهن جون تحريرون پڙهڻ ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل آهي. انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ حافظِ قرآن، قاريِ قرآن، عالمِ دين ۽ مفتي بڻايو، قصّا ڪهاڻين ۽ لطيفن ٻريا ڪتاب نہ پاڻ پڙهو نہ انهن کي پڙهڻ ڏيو، بلڪ مڪتبة المدينہ جي شائع ڪيل ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪرڻ جي ترڪيب بڻايو، پاڻ بہ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شريڪ ٿيو ۽ انهن کي بہ شرڪت جي ترغيب ڏياريو، گهر ۾ جيڪڏهن گناهن ڀريا چينلز، فلمون ڊراما ۽ موسيقي جو سلسلو آهي تہ ان کي ختم ڪرايو ۽ صِرف 100 فيصدي اسلامي چينل يعني مَدَني چينل ئي ڏسو ۽ ڏيکاريو. جيڪڏهن اسان انهن مدني گلن جي مُطابق زِندگي گُذارڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ يقيناً مُعاشَري مان جهالت جي اونداهي ختم ٿي سگهي ٿي، هر طرف سُنّتن جون مدني بهارون اچي سگهن ٿيون، ۽ اسان جو ٻار ٻار نيڪ، مُتّقي ۽ ماءُ پيءُ جو فرمانبردار بڻجي سگهي ٿو، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

يا ربّ بچالے تُو مجھے نارِ جحیم سے
اولاد پر بھی بلکہ جہنم حرام ہو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”چوڪ درس“

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت ،اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اسان کي هڪ مَدَني مَقۡصَد عطا فرمايو آهي تہ "مون کي پنهنجي



www.dawateislami.net

ءِ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“

اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ تنهنڪري پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ خُوب وڌي ڪري حصّو ونڻ وارا بڻجي وڃو. ذيلي حلقي جي12مدني ڪمن مان روزانو جوهڪ مدني ڪم”**چوڪ دَرس**“ ڏيڻ بہ آهي. يقينا چوڪ دَرس نهايت بابَرَڪت ۽ فَضِيلت وارو ڪم آهي ۽ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوف وَنَهِی عَنِ الْمُنْکَر(يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو هڪ بهترين ۽ مُؤثِر ذَرِيعو بہ آهي ۽ نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارن کي بهترين اُمت چيو ويو آهي، جيئن سيپاري 4 سوره آلِ عمران آيت نمبر 110 ۾ ارشاد آهي:

كُنۡتُمۡ خَيۡرَ اُمَّةٍ اُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ تَاۡمُرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَتَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ

**ترجمو ڪنزالايمان:** توهان ڀلا آيو انهن سڀني امتن کان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون چڱائي جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا.

حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، "يا الله عَزَّوَجَلَّ !جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي سڏي، ان کي نيڪي جو حڪم ڏئي ۽ بُرائي کان مَنْع ڪري تہ ان جي جزاء ڇا آهي؟" ارشاد فرمايائون،" مان ان جي هر ڳالھ تي هڪ سال جي عِبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آهي". (مکاشفة القلوب، باب في الامر والمعروف ،ص۴۸) تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان چوڪ درس ڏيون، جيڪڏهن درس نہ ڏئي



www.dawateislami.net

سگهون ته گهٽ مان گهٽ ٻڌڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃون ته جيئن اَمۡرٌ بِالۡمَعۡرُوف وَنَهی عَنِ الۡمُنۡکَر جي فضيلتن ۽ برڪتن کان فيضياب ٿي سگهون. اچو! ترغيب جي لاءِ چوڪ درس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## ناچ رنگ ۽ شراب جو عادي

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بَيان جو خُلاصو آهي، مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان نه صِرف گُناهن جي دَلدل ۾ نهايت بُري طرح ڦاٿل هئس بلڪ منهنجا عقائد به دُرُست نه ها. نمازن کان ايتري قدر غافل هئس جو عيد جي نماز پڙهڻ به نصيب نه ٿيندي هئي. رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ تمام مُسلمان روزا رکندا ها پر بَدقسمتي سان مان ان سَعادَت کان مَحرُوم رهندو هئس. ڏينهن ۾ هڪ دُڪان تي مُلازَمَت ڪندو هئس، پر سڄي رات چَرس ۽ شراب جي نشي ۾ دُت رهندو هئس. ٽي وي تي فِلمون ڊراما ڏسندو ۽ بدنگاهي ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ گُناهن جو اِضافو ڪندو هئس. شادين ۾ ناچ ڳاني جو شوقين هئس. گناهن جي اونداهي مان نڪرڻ جو سبب هي ٿيو ته اسان جي دُڪان جي سامهون ڪجهه اسلامي ڀائر فيضانِ سنّت مان چوڪ درس ڏيندا ها. ڪڏهن ڪڏهن مان به رَسمي طور تي ان ۾ شِرڪت ڪندو هئس. اهي بار بار مون کي هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا ها، پر مان هر ڀيري ڪو نه ڪو بهانو ڪندو هئس. هڪ ڏينهن انهن جي مِنَّت ميڙ تي مون اجتماع ۾ شِرڪت جي لاءِ هائو ڪار ڪئي ۽ اجتماع ۾ حاضر ٿيس. جڏهن اتي پهتس ته اجتماع ۾ ٿيڻ واري بيان، ذِڪر، نعت ۽ رِقّت انگيز دعا مون کي مُتاثِر ڪيو، ان کان پوءِ منهنجي زندگي بلڪل بدلجي وئي. چرس ، شراب نوشي ۽ ناچ ڳانن کان توبه ڪئي، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي برڪت سان پنجئي نمازون مسجد ۾ ادا ڪرڻ وارو بڻجي ويس. مون جهڙي گناهن ۾ ڦاٿل شخص مدني قافلن ۾ سَفَر جي برڪت سان دِين جا اَهم مَسئلا به سکي ورتا ۽ پياري آقا



www.dawateislami.net

صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنّت (ڏاڙهي شريف) بہ سجائي ورتي. مدني ماحول جي برڪت سان منهنجي بُرن عقيدن جي بہ اصلاح ٿي وئي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ چوڪ درس ۽ مدني قافلي جي بَرَڪت سان مون جهڙو ناچ رنگ جو شوقين ۽ چرس ۽ شراب جو عادي، سُنّتن جو پيڪر بڻجي ويو.

تُو آ بے نمازی ہے دیتا نمازی — خدا کے کرم سے بنا مدنی ماحول
گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی — چڑھائے گا ایسا نَشہ مدنی ماحول
اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر — گناہوں کی دَوا دیگا مدنی ماحول
گنہگارو آؤ سیَہ کارو آؤ — گناہوں کو دَیگا چُھڑا مدنی ماحول

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي ذِهن ۾ اهو سوال پيدا ٿئي تہ اڳوڻو زمانو هر لحاظ کان صاف سُٿرو هو، ان دور ۾ اڄ وانگر بُرائيون عام نہ هيون ۽ نہ ئي بُرائين تي اُڀارڻ وارا آلات ۽ اسباب جي ايتري قدر گهڻائي هئي بلڪ عام طور گهر گهر مان اسلامي تعليمات جون ڪرڻون چمڪنديون هيون، والدين بلڪ سڄي گهر وارا مُتّقي ۽ پرهيزگار ۽ علم وعمل جي دولت سان سرشار هوندا ها خاص ڪري مائرن جو ڪردار تقليد لائق هو، جيئن داتا علي هجويري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي والده ماجده رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہا جي باري ۾ اسان پڙهو تہ هوءِ بہ اعليٰ درجي جي عابده ۽ زاهده خاتون هئي، تنهنڪري اهڙن گهرانن ۾ اڄ جي نسبت ڪثرت سان نيڪ هستيون پيدا ٿينديون هيون، جڏهن تہ اڄ هر طرف شيطاني ڪمن جي گهڻائي آهي، بي عملي جو دور عام آهي، تنهنڪري ان مشڪل دور ۾ هاڻي نہ تہ اهڙي خصوصيت واريون مائرون آهن ۽ نہ ئي سلف صالحين



www.dawateislami.net

جهڙي خوبين وارو اولاد.

ان جو جواب هي آهي تہ جيتوڻيڪ هاڻي بي حيائي ۽ بي عملي پنهنجي عروج تي آهي، پر ان سان اهو ڪڏهن لازم اچي ٿو تہ نيڪ مائرن يا اولياء ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡهِمۡ جو وجود ئي زماني مان مِٽجي چڪو آهي. بِلاشبہ نيڪ ۽ پرهيزگار مائرون ۽ انهن وٽان تربيت وٺڻ وارا اولياء ڪرام هينئر بہ رُوءِ زمين جي مسلمانن کي فيضياب فرمائي رهيا آهن، فيضانِ اولياء سان اڄ بہ ڪيئي غير مسلمن جي قبولِ اِسلام جون مدني خبرون ملي رهيون آهن، انهن جي فيضان سان اڄ بہ مسجدن جي ڪجھ نہ ڪجھ رونق باقي آهي، جي ها! اڄ بہ ڪيئي بي نمازي، شرابي،چور ڌاڙيل، ماءُ پيءُ جا نافرمان پنهنجي گناهن کان توبہ ڪري نيڪ ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي رهيا آهن، جي ها! اڄ بہ گناهن ڀريا چينلز ڏسي پنهنجي اکين کي حرام سان ڀري ڪري ربّ تعاليٰ جي ناراضي جو سامان ڪرڻ وارن کي ڪنهن جي سمجهائڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي اچي رهيا آهن، جي ها! علمِ دين جي دولت سان مالا مال ڪرڻ وارن دِيني مدرسن ۽ جامعات مان فيضانِ علم هينئر بہ جاري و ساري آهي، جتان سوين عالم تيار ٿي علم جي نور سان جهالت جي اونداهي کي ڀري ڪري رهيا آهن، جي ها! اڄ جي ان فتني واري زماني ۾ پندرهين صدي جي عظيم علمي و رُوحاني شخصيت، شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطارقادِري رضَوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اها عظيم هستي آهي، جنهن ۾ ڪامل ولين جون نشانيون آساني سان ڏسي سگهجن ٿيون.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ زماني جي ان بزرگ ولي جي تعليم ۽ مدني تربيت هڪ



www.dawateislami.net

اهڙي عابده ۽ زاهده خاتون جي سايي ۾ تي جيڪا پاڻ به شرعي اُصول و ضوابط تي سختي سان عمل پيرا هئي ۽ پنهنجن ٻارن کي به شريعت جو آئينه دار بنائڻ لاءِ سڄي زندگي مصروف رهيون. اچو! ان عظيم پٽ جي عظيم ماءُ جي مبارڪ زِندَگي جو مختصر تعارف به ٻڌون ٿا۔

## اُمِّ عطار جو ذڪرِ خير

شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جي والده ماجده رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہَا هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار خاتون هئي. جن مڙس جي وفات جي باوجود سخت ترين معاشي آزمائشن ۾ به پنهنجن ٻارن جي اسلامي طريقي مطابق تربيت ڪئي، جنهن جو واضح ثُبوت خود اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جي بابرڪت ذات آهي. پاڻ هڪ ڀيري ٻڌايو ته اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ والده محترمه جو شروع کان ئي فرض ۽ واجب تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو ايتري قدر ذهن هو جو ننڍي عمر کان ئي اسان ڀيڻ ڀائرن کي نمازن جي تلقين فرمائن سان گڏ سختي سان عمل به ڪرائيندڙيون هيون، خاص ڪري فجر نماز جي لاءِ اسان سڀني کي لازمي جاڳائيندڙيون هيون. والده ماجده جي ان طرح تلقين ۽ تَربِيت جي بَرَڪت سان مون کي ياد نٿو پوي ته منهنجي ننڍپڻ ۾ به ڪڏهن فجر نماز رهجي وئي هجي.

شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ فرمائن ٿا ته والده محترمه جو شبِ جُمُعه (جمعرات ۽ جمعي جي وچين رات) جو منادر(باب المدينه ڪراچي) جي علائقي ۾ اِنتقال ٿيو. موت جي وَقت مون کي وڏيڪ ياد ڪري رهي هئي، ڀيڻ ٻڌايو: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪلمو شريف ۽ اِسۡتِغفار پڙهڻ کان پوءِ زبان بند ٿي. خاص ڪري غُسل ڏيڻ کان پوءِ چهرو نهايت ئي رَوشن ٿي ويو. جنهن زمين جي ٽڪر تي رُوح قَبض ٿيو، ان مان ڪيئي ڏينهن



www.dawateislami.net

تائين خوشبو پئي آئي ۽ خُصوصاً رات جي ان حصي ۾ جنهن ۾ اِنتِقال ٿيو هو، مختلف قسم جي خوشبوئن جي مهڪ ايندي هئي. ٽيجهي واري ڏينهن صبح جي وَقت ڪجهه گُلاب جا گل وٺي رکيا هئا جيڪي شام تائين تقريباً تروتازه رهيا جيڪي مون پنهنجي هٿ سان والده جي قبر تي چڙهايا. يقين مڃو ان مان اهڙي عجيب مهڪندڙ خوشبو هئي جو مان حيران رهجي ويس، ڪڏهن گلاب جي گلن مان مون اهڙي خوشبو نہ سُونگهي هئي نہ هينئر تائين سونگهي آهي بلڪ ڪلاڪن تائين اها خُوشبو منهنجي هٿن مان بہ ايندي رهي. (تذڪرۂ اميرِ اهلسنت(قسط2)، ص۴۱ ملتقطاً)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اُمِّ عطار رَحۡمَۃُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہا ڪا عام خاتون نہ هئي بلڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مقرب، صابره ۽ شاڪره ۽ باهمت خاتون هئي جيڪي آزمائش جي گهڙي ۾ ثابت قدم رهندي بہ پنهنجي اولاد جي سُنّتن جي مطابق تربيت ۾ مشغول رهيون، جيڪي نمازن ۽ سُنّتن جي پابند هئي ۽ پنهنجن ٻارن کي بہ نماز پڙهڻ جي تلقين ڪندي هئي، شايد سندن اها ادا ربّ تعاليٰ کي پسند اچي وئي، ان ڪري دنيا مان پنهنجو ايمان سلامت کڻي وئي، وصال کان پوءِ چهرو بہ جڳمڳائڻ لڳو ۽ جنهن هنڌ وصال ٿيو اها جڳهہ بہ مهڪندڙ خوشبو سان مشڪبار ٿي وئي، جيڪڏهن اسان جون اسلامي ڀينرون بہ اُمِّ عطار رَحۡمَۃُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہا جي ڪردار مان سبق حاصل ڪندي ۽ نفس و شيطان جي مخالفت ڪندي پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي شريعت جي زيور سان سينگارين، فرائض ۽ واجبات جي پابندي کي لازم ڪري وٺن، جنهن نموني اهي ٻارن جي اسڪول يا ٽيوشن وڃڻ کان نٺائڻ نٿيون ڏين ۽ جيڪڏهن اُهي نٺائن تہ انهن تي سختي ڪنديون آهن، جيڪڏهن اهڙي طرح نمازن وغيره جي معاملن ۾ ضروري دِيني تعليمات



www.dawateislami.net

جي لاءِ به ڪوشش ڪن ته ان جا دنيا ۾ به گھڻا فائدا حاصل ٿيندا ۽ آخِرت ۾ به برڪتون نصيب ٿينديون.

17صفرالمظفر تي اُمِّ عطار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جو يوم عرس ملهايو ويندو آهي، جنهن ڪان ممڪن ٿئيَ اُمِّ عطار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر اختيار فرمائن.

## داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ملفوظات

**متامتا اسلامي ڀائرو!** اچو! علمِ دِين جي اهميت ۽ عمل جي ترغيب جي لاءِ حضرت سَيدنا داتاعلي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا نصيحت آموز مدني گل ٻڌون ٿا: پاڻ فرمائن ٿا،

◈ انسان کي تمام علوم کي ڄاڻڻ ضروري ناهي، صرف ايترو علم حاصل ڪرڻ لازمي آهي، جنهن کي شريعتِ مطهره ضروري قرار ڏنو آهي.◈ طالبِ علم جي لاءِ لازم آهي ته باعمل بڻجڻ جي لاءِ علم حاصل ڪري ◈ باهه تي قدم رکڻ ته نفس گوارا ڪري سگھي ٿو پر علم تي عمل ان ڪان ڪيئي گنا دُشوار آهي. ◈ صرف علم تي قناعت ڪرڻ وارو عالم ناهي، عمل جي برڪت ڪان علم فائدو ڏيندو آهي تنهنڪري ڪڏهن به علم کي عمل ڪان جدا نه ڪرڻ گھرجي. ◈ جيڪو شخص شرعي معاملات ۾ محتاط نه هجي، پرهيز گاري جي بغير شريعت جو علم حاصل ڪري، رخصتن ۽ تاويلن جي ڀويان هلي شبهات ۾ پوي، ائمه جي تقليد ڇڏي پاڻ مجتهد بڻجي وڃي، ته اهڙو شخص جلد ئي گناهه ۾ مبتلا ٿي ويندو. دراصل اهي ڳالهيون دل جي غفلت جي ڪري پيدا ٿينديون آهن.

(فيضانِ داتا علي هجويري،ص٦٩ تا٧١ملتقطاًبتغير قليل)

ميٹھے ميٹھے مُصطفےٰ کی بارگاہِ پاک میں     کیجئے میری سفارش آپ یاد آتا پیا



www.dawateislami.net

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## رسالو ”فيضانِ داتا علي هجويري“ جو تعارف

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! داتا علي هجويري رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي فرمانن ۾ سنڌن سيرتِ مبارڪ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 84 صفحن تي مشتمل رسالو ”فيضانِ داتا علي هجويري“ جو مطالعو ڪيو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن رسالي ۾ داتا علي هجويري رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي سيرت، پاڻ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي شوقِ علمِ دِين، علمِ دِين جي حصول جي لاءِ سفر، سندن ڪرامتون، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جا ڪتاب، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جا ملفوظات ۽ ٻين ڪيئي مدني گلن کي بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ تان هديةً طلب ڪري پاڻ بہ پڙهو ۽ وڌيڪ تعداد ۾ حاصل ڪري ثواب جي نِيت سان مُفت تقسيم بہ فرمايو.

مرحبا صد مرحبا! 20 صَفَرُالۡمُظَفَّر، متوقع (22 نومبر) تي داتا صاحب رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو عُرس مبارڪ بہ آهي، ان موقعي تي هزارين عاشقانِ رسول ۽ غلامانِ داتا صاحب، پنهنجي من جون مُرادون پوريون ڪرڻ ۽ داتا صاحب رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي فيضان سان پنهنجي خالي جهولين کي ڀرڻ جي لاءِ ڀري ڀري ڪان سفر ڪري مزارِ پُرانوار تي حاضري جي سعادت حاصل ڪن ٿا. انهن عاشقانِ رسول تائين نيڪي جي دعوت ۽ دعوتِ اسلامي جو تعارف پهچائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو "مدني رسائل" تقسيم ڪرڻ بہ آهي، تي سگهي ٿو تہ داتا صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي سيرتِ مبارڪ جي باري ۾ رسالا خريد ڪري ورهايا وڃن، نہ تہ مڪتبة المدينہ تان ڪنهن بہ موضوع تي رسالا خريد ڪري ورهايو، مرڪز الاولياء **(لاهور)** کان علاوه بہ سڄي دُنيا جا عاشقانِ رسول داتا صاحب رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ مدني رسالا ورهائي سگهجن



www.dawateislami.net

تاۂ اچو! اسان سڀ ہہ هتوهڻ نيت ڪيون ٿا تہ داتاصاحب رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ اسان ہہ مدني رسائل تقسيم ڪنداسين. ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ-

رِسالو "فيضانِ داتا علي هجويري"دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙهي) ہہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) ہہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان داتا علي هجويري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جو فيضان حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن ڏينهن رات جي مَعمُولات جو مطالعو ڪيون تہ اسان کي خبر پوندي تہ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ پنهنجي زندگي نيڪي جي دعوت، مخلوقِ خدا جي خدمت ۽ اشاعتِ علمِ دِين جي لاءِ وقف ڪئي هئي، حضرت سَيدُنا داتا علي هجويري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ ڏينهن ۾ تدريس ڪندا ها ۽ رات ۾ حق جي مُتلاشي ماڻهن کي تلقين ڪندا ها، هزارين جاهل انهن جي ذريعي سان عالم، هزارين غير مسلم دولتِ اسلام سان مالا مال ٿيا، هزارين گمراهہ سڌي واٽ تي اچي ويا، هزارين ديوانہ عقل جي دولت ۽ دانشوري سان سرفراز ٿيا، هزارين ناقص ڪامل ٿيا ۽ هزارين فاسق نيڪو ڪار ٿيا. پري پري کان شيخ، حضرت جي خدمت ۾ اچي فيضياب ٿيندا ها.

( حديقة الاولياء ،ص١٨٢،ملتقطاً )

گنج بخشِ فیضِ عالم مظہرِ نورِ خدا ناقصاں را پیرِ کامل کاملاں را راہنما

شعر جي وضاحت: پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ خزانا لُٽائڻ وارا، عالَم کي فيض پهچائڻ وارا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نور جا مظهر آهن. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ ناقصن جي لاءِ پيرِ ڪامل ۽ ڪاملن جا رهنما آهن .



www.dawateislami.net

حضرت سَيدُنا داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي شان وعظمت ۽ علمِ دِين جي شوق جو اندازو هن ڳالھ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه الله عَزَّ وَجَلَّ جي نبي حضرت سَيدُناخضر عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي صحبت ۾ رهي ان وٽان بہ علمِ دِين حاصل ڪيو. ياد رهي حضرت سَيدُناخضر عَلَيۡهِ السَّلَام سان ملاقات جي لاءِ ڪجھ شرط آهن، جيئن تہ

## سَيدُنا خضر عَلَيۡهِ السَّلَام کان فيض حاصل ڪرڻ

حضرت سَيدُنا علي خوّاص رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:حضرت سَيدُنا خضر عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان ملاقات جا ٽي (3) شرط آهن :(1) اهو سنّت جو عامل هجي. (2) دنيا تي لالچي نہ هجي، (3) مُسلمانن جي لاءِ ان جو سينو بلڪل صاف هجي، نہ تہ ان جي دِل ۾ ڪينو هجي نہ ئي حَسد ۽ نہ ئي اهو ڪنهن تي تڪبّر ڪندو هجي. (الميزان الخضريه ،ص١٥ )

حضرت سَيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ذاتِ مبارڪ ۾ اهي ٽنئي شرط موجُود ها. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه عاملِ سنت، دنيا جي لالچ کان گھٽو پري ۽ مسلمانن جا خيرخواه ها. ان ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه حضرت سَيدُنا خضر عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان نہ صرف ملاقات ڪئي بلڪ پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي صحبت ۾ رهي ڪري ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪيا ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي حضرت سَيدُنا خضر عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سان نهايت ئي گهري دوستي هئي. ( ڪشف المحجوب،ديباچه،ص١٦)

سُبۡحٰنَ الله عَزَّ وَجَلَّ ! اسان جي داتا علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي الله عَزَّ وَجَلَّ جو ڪهڙو خاص فضل ۽ ڪرم هو جو ان پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي نہ صرف علمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو جذبو بخشيو بلڪ وڏو ڪرم اهو جو پنهنجي پاڪيزه نبي حضرت سَيدُنا خضر عَلٰی نَبِيِّنَاوَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان ظاهري ۽ باطني علم



www.dawateislami.net

سکڻ جو شرف بہ عطا فرمايو. ياد رهي!حضرت سَيِدُنا خضر عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا هڪ اهڙا مقبول نبي آهن جيڪي اجا تائين بہ حياتِ ظاهري سان مُتَّصِف آهن ۽ سمُندبہ ۾ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ انهن جي سِپُرد آهي.

(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص۴۸۳بتغير قليل)

ڪاش ميں رويا ڪروں عشقِ رسولِ پاڪ ميں سوزدوايسا پئے احمد رضاداتاپِيا

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منامنا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فضل و ڪرم ۽ داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طفيل اميرِ اَهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي بہ علمِ دِين جي شوق ۽ حڪمت ۽ دانائي جو اهو خزانو عطا فرمايو آهي جو نهايت گهڻ ماڻهن جي حصي ۾ آيو آهي. سندن جي شخصيت ۾ اسان کي بزرگانِ دِين ۽ داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تعليمات جا واضح آثار نظر اچن ٿا، چاڪاڻ تہ ان اللّٰه وارن جي فيضان سان سندن سينو بہ علمِ دِين سکڻ ۽ ان جي ترويج و اشاعت جي مدني جذبي سان سرشار آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ جي نگاهِ فيضِ اثر سان لکين مُسلمانن بالخصوص نَوجوانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ اهي گناهن کان توبہ ڪري صلوٰة وسنّت جي راه تي گامزن ٿي ويا. جيڪڏهن اسان عقائد و اعمال، شريعت و طريقت، تاريخ و سيرت، طِب و رُوحانيت وغيره مختلف موضُوعن تي ڪيل سوالن جي جَوابن تي مشتمل اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مَدَني مذاڪري، اِصلاحي، فقهي، رُوحاني ۽ اَخلاقي موضوعات سان معمور ڪثير بيانات پڙهون، بي شمار سُنّتن جو مجموعو فيضانِ سُنّت ۽ بي



www.dawateislami.net

شمار موضوعن تي ٻين ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪيون ته خبر پوندي ته اللّٰه تعاليٰ انهن کي ڪهڙو علم عطا فرمايو آهي.دعوتِ اسلامي جو اهو چوليون هٽندڙ سمنڊ ڏسو ته اللّٰه تعاليٰ ان مردِ ڪامل جي ذريعي لکين بي نمازين کي نمازي، فيشن پرستن کي سُنّتن جو عادي، فاسِقن کي متّقي بڻائي ڇڏيو آهي،بدعقيده ماڻهن کي خوش عقيدگي، جاهلن کي علمِ دين جي روشني، بي عملن کي عمل جي پختگي، خشڪ مزاجن کي لذتِ عشقِ مُصطفوي، بيباڪن کي خوفِ خدا ۽ اسلامي ڀينرن کي شرم و حيا جي زيور سان آراسته ۽ پيراسته ڪيو آهي. علماء ڪرام و مُفتِيانِ عِظام و مُصَنّفين ۽ جامعاتُ المدينه ۽ دارُالافتا اهلِسُنّت جون مدني بهارون ڏسون ته معلوَم ٿيندو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ولي ڪامل، عاشقِ ماه رِسالت ۽ عاشقِ اعليٰ حضرت جي ذريعي جهالت کي ڪيئن پري ڪيو آهي.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي دَم قدم سان سُنّتن جون مدني بهارون آهن، سندن بي حد ڪوشش جي واکاڻ ڪندي صرف عوام ئي نه بلڪ سڄي دُنيا جي عُلماءِ ڪرام به جڻ ته انهن لفظن سان حوصله افزائي ڪندي فرمائن ٿا، اچو! اسان به ٻڌون ٿا:

مسلک کا تُو امام ہے اِلیاس قادری
تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری

فکرِ رضا کو کر دیا عالم پہ آشکار
یہ تیرا اُونچا کام ہے الیاس قادری

سنّت کی خوشبوؤں سے زمانہ مہک اُٹھا
فیضان تیرا عام ہے الیاس قادری

ہے دعوتِ اسلامی کی دُنیا میں دھوم دھام
مقبول تیرا کام ہے الیاس قادری

تنہا چلا تو ساتھ ترے ہو گیا جہاں
میٹھا تیرا کلام ہے الیاس قادری

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## مجلس مزاراتِ اوليا

**مَنامَنا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي دينِ متين جي تقريباً103 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي، انهيءَ مان هڪ"مجلسِ مزاراتِ اوليا" به آهي، جنهن جو ڪم هنن اولياء ڪرام جي خانقاهن ۽ درگاهن (مزارن) تي حاضِر ٿيڻ وارن عاشقانِ رسول کي نماز پڙهڻ جي دعوت ڏيڻ آهي، ڇوته بدقِسمتي سان اهو به ڏٺو ويو آهي ته مزار تي حاضري ڏيڻ وارا نماز جي معاملي ۾ نهايت سُستي جو مظاهره ڪندا آهن، دعوتِ اسلامي "مسجد ڀرو تحريڪ" آهي، ان مدني ماحول ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نماز جي پابندي جو اهڙو مدني ذهن ڏنو ويندو آهي جو دُنيا هتان ڪان هتي ٿي وڃي پر اسان جي نماز قضا نه ٿيڻ گهرجي، ان مجلس جو ڪم، صاحبِ مزار جي مُبارڪ سِيرت جي باري ۾ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ ۽ ان جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ترغيب ڏيارڻ، ان مجلس جو ڪم، مزار جي آس پاس وارين مسجدن ۾ مدني قافلن کي سفر ڪرائڻ، ان مجلس جو ڪم مدني قافلي جي جدول جي مطابق مختلف وقت ۾ ٿيڻ وارن حلقن ۾ زائرين جي شرڪت ڪرائڻ ۽ انهن کي به مدني قافلن ۾ سفرڪرڻ ۽ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ آهي، ان مجلس جو ڪم رسالا ورهائڻ جي ذريعي زائرين تائين نيڪي جي دعوت ۽ دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچائڻ آهي .

**مَنامَنا اسلامي ڀائرو!** اسان جي خوش بختي آهي جو اڄ اسان به الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ ولي" حضرت داتا علي هجويري رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰیعَلَیۡه جيعلمِ دِين جي شوق جي باري ۾ ٻڌڻ جو شرف حاصل ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به ان جو صدقو



www.dawateislami.net

نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان حضرت سَيدُنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي علمِ دِين جي شوق جي باري ۾ ٻڌو،

داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه علمِ دِين حاصل ڪرڻ ۾ ايتري قدر مشغول رهندا ها جو شام ٿي ويندي هئي پر ٻاٽي پيئڻ جو بہ خيال نہ ايندو هو. اي ڪاش! حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صدقي اسان کي بہ وقت جي قدر و منزلت نصيب ٿي وڃي، فضوليات مثال طور موبائل ۽ دوستن سان گپ شَپ وغيره ۾ وقت بربادڪرڻ جي بدران، علمِ دِين سکڻ جو جذبو نصيب ٿئي.

- داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا استاد بلڪ اُن وقت جي بادشاہ بہ سندن شوقِ علمِ دِين کان نهايت متاٴثر ٿيا.
- داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو گهراڻو علم وعمل جو پيڪر ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو شاهڪار هو. اي ڪاش!حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صدقي اسان جي گهرن ۾ بہ مدني ماحول بڻجي وڃي، اي ڪاش!گهر جو هر فرد نمازي ۽ عاشقِ رسول بڻجي وڃي، اي ڪاش! گهر امن جو مرڪز بڻجي وڃي، اي ڪاش! گهر جا تمام افراد مدني انعامات جا عامل بڻجي وڃن، اي ڪاش!علم و عمل جو جذبو نصيب ٿئي، اي ڪاش! تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي دولت نصيب ٿئي.



www.dawateislami.net

- داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي برڪت سان هزارين ماڻهن جي زندگين ۾ مدني انقلاب آيو. اي ڪاش!حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي صدقي اسان جي زندگي ۾ بہ سُنّتن جي مدني بهار اچي وڃي، اي ڪاش! بي عملي ختم ٿي وڃي، اي ڪاش! علم و عمل جي برڪت سان اهڙو مدني اِنقلاب اچي جو اسان جي گهر سان گڏوگڏ اسان جي محلي، اسان جي علائقي وارا بہ فيضانِ علم و عمل سان مالا مال ٿين. اي ڪاش! حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي صدقي اسان کي پنهنجي گهر ۾ پاڙي ۾، رِشتيدارن ۾ جتي جتي اسان جا تعلق آهن، جتي جتي اسان جو اٿڻ ويهڻ آهي هر هنڌ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو جذبو نصيب ٿئي.

الله تعاليٰ حضرت سيدنا داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي مزارِ پُراَنوار تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِتَعَالٰی عَلَیۡه جي طُفيل اسان کي بہ علمِ دِين جي دولت سان مالا مال فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (5)

[5] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

ان کی سنّت کا جو آئینہ دار ہے　　　　بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے

## هلڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جي رسالي”163مدني گل“ مان هلڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

سيپاري 15 سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمۡشِ فِی الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَلَنۡ تَبۡلُغَ الۡجِبَالَ طُوۡلًا ۰

ترجموڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص ٻہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گھمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو.[6] ◈ رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجھ اڳيان طرف جھڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن.[7] ◈ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري وچٿري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو ◈ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاه

---

6…مُسلِم،كتاب اللباس والزينة،باب تحريم التبختر فی المشی...الخ،ص١١٥٦،حديث:٢٠٨٨

7… الشمائل المحمدية للترمذی،باب ما جاء فی مشية رسول الله ، ص٨٧ ،رقم:١١٨



www.dawateislami.net

کري باوقار طريقي سان هلو. ◈ رستي تي بہ عورتون بينيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي

(ابوداود ،کتاب الادب،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطریق، ۴۷۰/۴،حدیث:۵۲۷۳ )

◈ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالکل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لکائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں۽آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول،آئیں سنت کے پھول دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون



www.dawateislami.net

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[8]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[9]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[8]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[9]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(10)

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(11)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(12)

### (6) دُرُود شَفَاعت

---

10...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

11...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانيۃ والخمسون، ص149

12...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[13]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[14]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

---

[13] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[14] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net